SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريہ 1974

SINDH ACT NO.XXVIII OF 1974

سنڌ نجي اسڪول (انتظاميہ ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1974

THE SINDH PRIVATE SCHOOLS (MANAGEMENT AND CONTROL) ACT, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات

Sections

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. بورڊ آف گورنرز جو قيام
Establishment of Board of Governors

4. بورڊ آف گورنرز جي جوڙجڪ
Constitution of Board of Governors

5. ميمبر ۽ چيئرمين
Member and Chairman

6. عارضي آسامين جي پرتي
Filling of casual vacancies

7. بورڊ آف گورنرز جي گڏجاڻي
Meeting of Board of Governors

8. بورڊ آف گورنرز جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of Board of Governors

9. پرنسيپال جا اختيارءِ ذميواريون

Powers and duties of the Principal

10. اسٽيٽمينٽ جمع ڪرائڻ

Submission of statement

11. اسڪول فنڊ

School Fund

12. مالي فائدا حاصل ڪرڻ تي پابندي

Bar to derive financial benefits

13. جاچ پڙتال

Inspection

14. اسٽاف ڪائونسل

Staff Council

15. بورڊ آف گورنرز جي تحليلءِ اسڪول کي تحويل ۾ وٺڻ

Dissolution of Board of Governors and Taking over of School

16. پرڏيهين جي مقرري

Appointment of Foreign nationals

17. معاهدن، ڪسٽمءِ استعمال جي حقن جو تحفظ

Protection of rights secured by agreements, customs or usage

18. ضمانت

Indemnity

19. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

20. ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

شیڈول

SCHEDULE

I جنرل

I General

II انتظامیہ

II Management

III عملو

III Staff

IV مالیات

Finance

V عمارتون

V Buildings

VI ہاسٹل

VI Hostel

VII راندین جا میدان

VII Play Grounds

VIII فرنیچر

VIII Furniture

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVIII مجريہ 1974

SINDH ACT NO.XXVIII OF 1974

سنڌ نجي اسڪول (انتظاميہ ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1974

THE SINDH PRIVATE SCHOOLS (MANAGEMENT AND CONTROL) ACT, 1974

[11 ڊسمبر 1974]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ۾ نجي اسڪولن جو ضابطو ۽ انتظام سنڀاليا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ۾ نجي اسڪولن جي تعليمي قابليت، انهن جي انتظاميہ کي سنوٽ ۾ آڻڻ ۽ انهن ۾ ملازمت تي رکيل استادن جي خدمتن جي شرطن کي جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1.هن ايڪٽ کي سنڌ نجي اسڪول (انتظاميہ ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هن کي فوري طور لاڳو ڪيو ويندو.

وصفون

Definitions

2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي تيستائين:

(a)"بورڊ" ٽيڪنيل اسڪول جي حوالي سان، مطلب سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيل ايجوڪيشن ۽ ٻئي ڪنهن اسڪول جي حوالي سان انٽرميڊيئيٽ ۽ ثانوي تعليم جو بورڊ، جنهن جي دائره اختيار ۾ اسڪول واقع آهي؛

(b)"بورڊ آف گورنرز" مطلب دفعہ 4 تحت جوڙيل بورڊ آف

گورنرز؛

(c)"چيئرمين" مطلب بورڊ آف گورنرز جو چيئرمين؛

(d)"ڪنٽرولنگ اٿارٽي" مطلب تعليم، حڪومت سنڌ جو وزير يا سندس نامزد ڪيل؛

(e)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f)"ميمبر" مطلب بورڊ آف گورنرز جو ميمبر ۽ جنهن ۾ چيئرمين بہ شامل آهي؛

(g)"پيرنٽس بادي" مطلب اهو شخص جيڪو يا ماڻهن جي بادي، جيڪا هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ اسڪول کي سنڀالڻ ۽ انتظام ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي يا جوڙي وئي هجي؛

(h)"بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(i)"پرنسيپال" مطلب اسڪول جي هيڊ مانسٽر سميت پرنسپيال؛

(j)"نجي اسڪول" مطلب هڪ اسڪول يا ادارو جيڪو حڪومت، لوڪل بادي، ڪنٽونمينٽ بورڊ يا يونيورسٽي طرفان سنڀاليو يا هلايو نہ ويندو هجي؛

(k)"اسڪول" مطلب نجي اسڪول؛

(l)"استاد" مطلب اسڪول جو استاد ۽ جنهن ۾ شامل آهي پرنسپال ۽ اسڪول جو فزيڪل انسٽرڪٽر؛ ۽

(m)"ٽيڪنيڪل اسڪول" مطلب اسڪول، ادارو يا سنڌ ۾ پيو ڪو ادارو جنهن کي حڪومت طرفان يا سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيل ايجوڪيشن طرفان فني يا ڪمرشل تعليم لاءِ سڃاڻپ ڏني وئي هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ، ٽيڪنيڪل ايجوڪيسن، ڪمرشل انسٽيٽيوٽ

۽ ٻيو ڪو ادارو يا اسڪول جيڪو ڊپلوما سطح تي فني تربيت ڏيندو هجي.

بورڊ آف گورنرز جو قيام
Establishment of Board of Governors

3. ڪنٽرولنگ اٿارٽي اسڪول جي موثر انتظامن ۽ ضابطي لاءِ بورڊ آف گورنرز قائم ڪري سگهي ٿي.

بورڊ آف گورنرز جي جوڙجڪ
Constitution of Board of Governors

4.(1) بورڊ آف گورنرز مشتمل هوندو:

(a) پيرنٽ بادي طرفان نامزد ڪيل چار ميمبر، بشرطيڪ اهو ته جيڪڏهن پيرنٽ بادي طرفان ڪيل ساليانو عطيو جنهن ۾ شامل آهي اسڪول جي ملڪيت ۽ اثاثن مان ڪمائي جي ۽ ملڪيت جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي ڪرائي ذريعي حاصل ڪيل رقم جيڪا اهڙي اسڪول طرفان استعمال ڪئي وئي هجي، پيرنٽل بادي طرفان نامزد ڪيل ميمبرن جو انگ گهٽائي سگهبو جيئن ڪنٽرولنگ اٿارٽي مناسب سمجهي؛

(b) ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل پنج ميمبر؛

(c) اسڪول جي رول تي شاگردن جي والدين ۽ سنياليندڙن طرفان انهن منجهان ئي ساليانو چونڊيل هڪ ميمبر؛

(d) اسڪول جي استادن طرفان انهن منجهان ئي ساليانو چونڊيل هڪ ميمبر؛

(2) نامزد ڪيل ميمبرن منجهان ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان چيئرمين مقرر ڪيو ويندو.

(3) پرنسيپال بورڊ آف گورنرز جو سيڪريٽري هوندو.

(4) چيئرمين ۽ نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر چونڊجڻ لاءِ اهل هوندا.

ميمبر ۽ چيئرمين
Member and Chairman

5.(1)چيئمرين عهدو ڇڏڻ لاءِ پنهنجي استعيفيٰ ڪنٽرولنگ اٿارٽي ڏانهن اماڻي سگهي ٿو ۽ ميمبر عهدو ڇڏڻ لاءِ استعيفيٰ چيئرمين کي اماڻيندو.

(2)ڪنٽرولنگ اٿارٽي جيڪڏهن اها مطمئن آهي تہ ميمبر اسڪول جي مفادن کان هٽي ڪري ڪم ڪري رهيو آهي يا پنهنجون ذميواريون نيائڻ کان قاصر آهي تہ ان کي عهدي جي مدت ختم ٿيڻ کان اڳ هٽائي سگهي ٿي.

[1]["بشرطيڪ ڪو بہ ميمبر عهدي تان نہ هٽايو ويندو جيستائين ان کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي."]

(3)ڪو ميمبر شخص جيڪو ڪنهن عهدي تي آهي اهو عهدو ڇڏڻ جي صورت ۾ ميمبر بہ نہ رهندو.

عارضي آسامين جي پرتي
Filling of casual vacancies

6.جيڪڏهن چيئرمين يا ميمبر جي آفيس ۾ ڪا آسامي نڪري ٿي، اها دفعہ 4 جي گنجائشن تحت پري ويندي ۽ چيئرمين يا ميمبر جيڪو آسامي تي پرتي ٿيندو اهو رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندو.

بورڊ آف گورنرز جي گڏجاڻي
Meeting of Board of Governors

7.بورڊ آف گورنرز جي گڏجاڻي مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو اهڙي وقت تي ۽ اهڙي هنڌ تي ۽ اهڙي طريقي موجب ڪوٺائي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف گورنرز جا اختيار ۽ ذميداريون
Powers and

8.هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، بورڊ آف گورنرز عام نظرداري ۽ اسڪولن جي معاملن تي ضابطو رکندي ۽ هنن اختيارن جي عام حيثيت سان ٺڪراءَ کانسواءِ اهو ڪري

[1] دفعہ 5 ۾ سنڌ آرڊيننس نمبر XLIV مجريہ 1984 تحت نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويو. تاريخ 18هين نمبر 1984.

duties of Board of Governors

سگهندو:

(a)حڪومت طرفان وقت بوقت جاري ڪيل رهنمائي جي روشنيءَ ۾ اسڪول هلائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ؛

(b)اسڪول جي ملڪيت تي ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ جيستائين اهڙي ملڪيت جي جي مالڪي ان جي پيرنٽ بادي وٽ هجي؛

(c)اسڪول جي فنڊس، ماليات، اثاثن ۽ سيڙپڪاري جو انتظام ڪرڻ ۽ سنڀالڻ؛

(d)بجيٽس پاس ڪرڻ؛ ۽

(e)اسڪول جا استاد ۽ ٻيا ملازم مقرر ڪرڻ ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي جو اختيار رکڻ؛ ۽

(f)پڪ ڪرڻ تي شرطون جن تحت اسڪول کي بورڊ طرفان سڃاڻپ ڏني وئي اهي ۽ اهڙي بورڊ طرفان جاري ڪيل سمورا قاعدا ۽ حڪم، يا ٻيون مجاز تعليمي اختياريون وقت بوقت شاگردن جي داخلائن، نصاب، سيلابس، تعليم جي ميڊيم، امتحانن ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن بابت، جن جو مشاهدو ڪيو ويندو تہ:

(i)اهو تہ هن ايڪٽ جون گنجائشون ۽ قائدا ۽ ضابطا جيڪي هن تحت جوڙيا ويا آهن، اهي سختيءَ سان لاڳو ڪيا ويندا؛ ۽

(ii)اهو تہ اسڪول جا اڪائونٽس بيان ڪيل طريقي موجب سنڀاليا ويندا ۽ ڄاڻايل طريقي انهن جي آڊٽ ڪئي ويندي.

پرنسيپال جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the

9.هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ان تحت جوڙيل قائدن ۽ ضابطن موجب پرنسيپال بورڊ آف گورنرز جي عام ضابطي ۽ نظرداري هيٺ اسڪول جي اندروني انتظامن سان لاڳاپيل سمورن معاملن بابت مجاز هوندو بشمول داخلائن، ڪلاس

پروموشنز استادن، ٽائيم ٽيبل، ڊسيپلين جي مينٽيننس، في ۾ رعايت ڏيڻ ۽ اسڪالر شپس جي، بجيٽ ۾ ڄاڻايل خرچن ۽ عارضي يا مقرريون ڪرڻ جيڪي ٽن مهينن کان وڌيڪ عرصي لاءِ نه هونديون.

Principal

10. پيرنٽ باڊي ڪنٽرولنگ اٿارٽي کي هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ ڄاڻايل طريقي موجب اسٽيٽمينٽ فراهم ڪندي، ٻن مهينن جي اندر:

(a) هن ايڪٽ جي شروعات جي، جيڪڏهن اسڪول اهڙي شروعات وقت موجود هيو، يا

(b) بورڊ طرفان اسڪول جي سڃاڻپ جي، هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ.

اسٽيٽمينٽ جمع ڪرائڻ

Submission of statement

11. اسڪول کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ شامل ڪيا ويندا:

(a) فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ڪنٽريبيوشنز مان حاصل ٿيل رقم؛

(b) اسڪول جي ملڪيت مان حاصل ٿيل رقم؛

(c) پيرنٽ باڊي طرفان ڪيل ڪنٽريبيوشنز؛

(d) حڪومت طرفان ڪيل ڪنٽريبيوشنز يا عطيي ۾ ڏنل گرانٽس؛ ۽

(e) ٻين وسيلن ذريعي حاصل ٿيل رقم.

اسڪول فنڊ

School Fund

12. ڪو به ميمبر اسڪول مان مالي فائدا حاصل نه ڪندو بشرطيڪ هن دفعه ۾ شامل ڪجهه به ڄاڻايل قابليت رکندڙ ڪنهن شخص کي هن ايڪٽ تحت جوڙيل قائدن ۽ ضابطن موجب مراعتون حاصل ڪرڻ ۽ ٻيا فائدا حاصل ڪرڻ کان نه روڪيندو.

مالي فائدا حاصل ڪرڻ تي پابندي

Bar to derive financial benefits

13. (1) ڪنٽرولنگ اٿارٽي بورڊ آف گورنرز جي ضابطي ۽

جاچ پڙتال

Inspection

انتظام هيٺ اسڪول جي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿي يا ان سلسلي ۾ مجاز بڻايل هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ماڻهن طرفان وقت بوقت جاچ پڙتال ڪرائي سگهي ٿي.

(2)ڪنٽرولنگ اٿارٽيءَ اهڙيءَ ريت جاچ ڪيل ڪنهن اسڪول کي ڄاڻايل عرصي دوران اهڙا قدم کڻڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿي، جيئن اها هن ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن ۾ بيان ڪيل معاملي لاءِ ضروري سمجهي.

استاف ڪائونسل
Staff Council

14. هڪ استاف ڪائونسل هوندي جيڪا پرنسيپال تي ٻڌل هوندي، جيڪو ان جو چيئرمين هوندو ۽ چار سڀ کان سينئر استاد ان جا ميمبر هوندا جيڪي ڪيس مشورو ڏيندا ۽ اسڪول جي ڏهاڙي معاملن ۽ دفعه 9 ۾ ڄاڻايل معاملن ۾ پرنسيپال جي مدد ڪندا.

بورڊ آف گورنرز جي تحليل ۽ اسڪول کي تحويل ۾ وٺڻ
Dissolution of Board of Governors and Taking over of School

15. جيڪڏهن اسڪول، صلاحيت ۽ نظم و ضبط برقرار رکڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ان سلسلي ۾ جوڙين قاعدن ۽ ضابطن تحت گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو، يا ڪو قدم کڻڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو جيڪو دفعه 13 تحت ڪنٽرولنگ اٿارٽي طرفان قدم کڻڻ لاءِ چيو ويو هجي، يا اهو ان ريت ڪيو ويو هجي جيڪو تعليم جي مفادن کان مٿانهون هجي، حڪومت پيرنٽ بادي ۽ بورڊ آف گورنرز کي تجويز ڪيل قدم خلاف ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بعد:

(a)بورڊ آف گورنرز کي تحليل ڪري سگهي ٿي؛ ۽

(i)ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري سگهي ٿي جيڪو بورڊ آف گورنرز جا ڪم ڪندو ۽ ذميواريون سرانجام ڏيندو جيستائين نئون بورڊ آف گورنرز جوڙيو وڃي، يا اهڙا ٻيا انتظام ڪندو جيئن ضروري سمجهي؛

(ii)اسڪول کي قبضي ۾ وٺي سگهي ٿي؛ يا

(b)اهڙا ٻيا قدم کڻي سگهي ٿي، جيئن ضروري سمجهي.

پرڏيهين جي مقرري
Appointment of Foreign nationals

16. جيستائين ڪجهه دفعه 4، 8، 9 ۽ 17 ۾ هن ايڪٽ تحت جوڙيل قائدن جي خلاف نه هجي، ڪو به شخص جيڪو پرڏيهي شهري آهي تدريسي يا انتظامي عملي طور مقرر نه ڪيو ويندو يا حڪومت کان اڳواٽ منظوري کانسواءِ بورڊ آف گورنرز ۾ چونڊيو يا نامزد ڪيو نه ويندو.

معاهدن، ڪسٽم ۽ استعمال جي حقن جو تحفظ
Protection of rights secured by agreements, customs or usage

17.هن ايڪٽ جون گنجائشون تيستائين موثر هونديون جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نه هجي يا ڪنهن ٺيڪي، دستاويز شقن يا ايسوسيئيشنز ڊيڊ يا ڪنهن ٻئي دستاويز جي متضاد نه هجي.

ضمانت
Indemnity

18.ڪو به مقدمو يا قانوني ڪارروائي حڪومت، ڪنٽرولنگ اٿارٽي يا ڪنهن ٻئي شخص خلاف نه ڪيو ويندو جيڪڏهن ڪجهه به سٺي نيت سان ڪيو ويو هجي يا هن ايڪٽ تحت ڪرڻ جو ارادو هجي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

19.(1) حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي قائدا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ کانسواءِ اهڙا قائدا فراهم ڪن ٿا:

(a)استادن جي مقرري، مستقلي ترقي ۽ ملازمت جي

سڪيورٽي؛

(b)استادن کي گهٽ ۾ گهٽ ملندڙ ادائگي؛

(c)استادن لاءِ ڪنٽريبيوٽري پرووِيڊنٽ فنڊ جا فائدا؛

(d)اسڪول جي اڪائونٽس جي سار سنڀال ۽ انهن جي جاچ پڙتال؛

(e)استادن، والدين ۽ سنڀاليندڙن منجهان ميمبرن جي چونڊن ۾ طريقيڪار اختيار ڪيو ويندو؛

(f)هن ايڪٽ جي ڪن به گنجائشن تحت گهربل ڪو ٻيو معاملو بيان ڪيو ويندو.

ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

(20).(1) بورڊ آف گورنرز ضابطا جوڙيندو، جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن ۽ ان تحت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قائدا جوڙيا ويندا.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت کان مٿانهون ٿيڻ کانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪندا:

(a)بورڊ آف گورنرز جي گڏجاڻي جي موقعي تي طريقيڪار جي پوئواري ڪئي ويندي ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ گهربل ڪورم لاءِ گهربل طريقيڪار تي عمل ڪيو ويندو؛

(b)نوٽيس جنهن تي عام يا خاص گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي؛

(c)وقت ۽ هنڌ جنهن تي بورڊ آف گورنرز جي گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي؛

(d)طريقيڪار جنهن تحت منٽس ڳڻيا ويندا ۽ انهن جي تصديق ڪئي ويندي؛

(e)قائدا جن تحت استادن ۽ ٻئي عملي کي ادائگي جا اسڪيلز الائونس، موڪل ۽ ٻيا فائدا ڏنا ويندا؛

(f)شاگردن کي سهولتن جي فراهمي، فيس ۽ ٻيون رقمون

جيڪي شاگردن کان وصول ڪيون ويندیون، اهي طئي ڪرڻ؛

(g)شاگردن کي فيس ۾ رعايت ۽ اسڪالر شپس ڏيڻ؛

(h)ٽيچرز ڪائونسل قائم ڪرڻ ۽ ان جو ڪم؛ ۽

(i)هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت ڪو ٻيو معاملو بيان ڪرڻ گهربل هجي، اهو ضابطن ۾ بيان ڪيو ويندو.

شيڊول

SCHEDULE

شيڊول

(ڏسو دفعہ 10)

فارم

پيرنٽ باڊي طرفان اسٽيٽمينٽ جمع ڪرايو ويندو

I جنرل

I General

1. جنرل

SCHEDULE

(See section 10)

FORM

Statement to be furnished by Parent Body

1.GENERAL

1.اسڪول جو نالو

2.اسڪول جو هنڌ ۽ پتو.

3.اسڪول جو قيام، يعني:

(a)شروع ٿيڻ جي تاريخ.

(b)لاڳاپيل باڊي طرفان سڃاڻپ ڏيڻ جي تاريخ.

4.هدايت جي پوئواري جي ٻولي

II انتظاميہ

II Management

II.انتظاميہ

II.MANAGEMENT

1.سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 تحت رجسٽرار

جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيز کان رجسٽر ٿيل مئنيجنگ بادي (پيرنٽ بادي).

2.چيف اٿارٽي/ايجنسي جنهن جي هٿ هيٺ ادارو هلندڙ هجي.

(3)دستاويز جمع ڪرايا ويندا:

(a)مئنيجنگ بادي جي ميمبرن جي انهن جي ڪپڙن سميت فهرست؛

(b)مئنيجنگ بادي جي آئين جي نقل.

III عملو

III. عملو

III Staff

III.STAFF

1.ڇا لکت معاهدي تي استاد ملازمت تي آهن؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ معاهدي جو نقل لڳايو وڃي.

2.ڇا اسڪول پرووِيڊنٽ فنڊ يا استادن جي پينشن (يا ٻنهي) لاءِ گنجائشون جوڙيون آهن؟

3.اداري طرفان پرووِيڊنٽ فنڊ لاءِ ڪيل ڪنٽريبيوشن جو سيڪڙو ڪيترو آهي؟

4.دستاويز جمع ڪرايا ويندا:

(a)پڙهائي عملي جي هر ميمبر جي قابليت، پڙهائي جي تجربي، فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن ۽ اسڪيل سان لاڳاپيل مڪمل تفصيلن جو اسٽيٽمينٽ.

(b)اسڪول جي سروس رولز جو نقل.

IV مالیات

IV.مالیات

Finance

IV.FINANCE

30هين جون تي ختم ٿيندڙ سال لاءِ حاصلات ۽ خرچن جا تفصيل

کمائي	رقم	خرچ	رقم
1.حڪومت کان جاري ٿيل رقم 2.ڊولپمينٽ گرانٽ (مقصد واضح ڪريو) (a)حڪومت طرفان (b)اويڪيو ٽرسٽ بورڊ طرفان (c)ٻئي ڪنهن ذريعي کان 3.سبسڪرپشن، ڪنٽريبيوشن ۽ انڊومينٽس مان (پيرنٽ باڊي طرفان ڪنٽريبيوشن کانسواءِ) 4.ٽيوشن فيي ذريعي 5.مختلف فنڊز مان 6.پيرنٽ باڊي طرفان ساليانو ڪنٽريبيوشن 7.ڪنهن ٻئي وسيلي ذريعي (بيان ڪريو)		1.انتظامي 2.تدريسي عملو 3.هيڊيون عملو 4.مينيل اسٽاف 5.اسڪول جي عمارت جو ڀاڙو 6.بجلي ۽ پاڻيءَ جون چارجز 7.متفرقات (بيان ڪريو) (a)عمارتن جي مرمت (b)ٽيليفون (c)فرنيچر (d)لائبريري (e)اسڪالرشپس (f)رانديون (g)خرچ جو ڪو ٻيو آئٽم	
ڪل حاصلات		ڪل خرچ	

اثاثا ۽ ذميداريون

ASSETS AND LIABLITIES

اثاثا	رقم	ذميداريون	رقم
1.غير متحرڪ ملڪيت جا تفصيل		1.قرض، جيڪڏهن ڪي هجن	

2.ٽرسٽس ۽ انڊومينٽس 3.بئنڪ ۾ روڪ رقم 4.مئنيجر يا خزانچي سان روڪ رقم	2.بئنڪ ۾ اوور ڊرافٽ 3.عمارتن جو پاڙو جيڪڏهن پاڙي تي هجن 4.ٻي ڪا ذميداري (بيان ڪريو).

توٽل: ....

V عمارتون

V Buildings

V.عمارتون

V.BUILDINGS

1.ڇا اسڪول کي پنهنجي ذاتي عمارت آهي؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ ٽرانسفر ڊيڊ لڳايو.

2.ڇا عمارتون ڊگهي ليز تي ورتل آهن؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ ليز ڊيڊ جي نقل لڳايو.

3.دستاويز فراهم ڪرڻا پوندا:

(a)هيٺين جا تفصيل ڏيکاريندڙ فهرست:

(i)ڪلاس رومز هر روم جي ماپ سميت

(ii)ليبارٽريز

(iii)لائبريري

(b)عمارتن جو منصوبو.

VI هاسٽل

VI Hostel

VI. هاسٽل (جيڪڏهن ناهيل هجي)

VI.HOSTEL (IF MAINTAINED)

1.رهندڙن جو وڌ ۾ وڌ انگ، جن کي رهائش ڏني ويندي.

2.طبي سهولت جو انتظام

3.سپرنٽينڊنٽ/واردن جي حيثيت

4.ڇا سپرنٽينڊنٽ/واردن هاسٽل جي اندر يا ويجهو رهندو؟

5.هاسٽل جي سينيٽري ۽ هائجينڪ حالت

VII راندين جا ميدان

VII Play Grounds

VIII فرنيچر

VIII Furniture

VII.راندين جا ميدان

VII.PLAY GROUNDS

ڇا راندين جا ميدان اسڪول سان گڏيل آهن؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ مختلف راندين جي ميدانن جي ايراضي بيان ڪريو.

VIII.فرنيچر

VIII.FURNITURE

فرنيچر جي مک آئٽمز جي فهرست جيڪي شاگردن طرفان استعمال ڪيا ويندا، اها فراهم ڪرڻ گهرجي.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.